نظير احمد کوکر

# جانورن سان لاڳاپيل ٽوٽميت جي تصور جو سماجي لساناتي اڀياس

***Abstract***

**TOTEMISM: SOCIO-LINGUISTIC STUDY OF AN IDEA RELATED TO ANIMALS**

*This paper is the research study of social life in a society which pertains to pre-historic age.*

*Totemism is a symbolic belief in which a person, family or clan sets up their relationship with its parts, things and living beings, which form part of their life and come into contact in one way or the other; those actors are called totems.*

*The actors which come into contact with a person can be animals or living things, viz: a plant, insect, bird or even a mythical entity. They have their own language of understanding each other; may be through rituals, marriages, ethics, sacred beliefs, good or bad omens etc.*

*Such beliefs or festivals were prevalent among many centuries viz: Africa, America, Malaysia, India, etc.*

*Many of those totems have been discussed in this paper, which now a days are present in the pages of past history. But those are rich past of the Nations which need to be explored and presented for refreshment of the minds of present generation so that their knowledge could be enhanced.*

’**ٽوٽم**‘ ڏکڻ آمريڪا جي اوجيوا (Ojibwa) قبيلي جي ٻوليءَ جو لفظ آهي. ٽوٽم لفظ جي معنيٰ آهي: ڀيڻ ڀاءُ جو رشتو. سڀ کان اول ٽوٽم ڏانهن اسڪاٽ محقق، ميڪ لينن 1869ع ۾ توجهه ڇڪرايو هو. جنهن دنيا جي ڪيترن قبيلن ۽ قومن ۾

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ٽوٽميت جي تصورن جي نشاندهي ڪئي هئي. ٽوٽم اهڙي علامتي تصور يا عقيدي کي چئجي ٿو، جنهن ۾ ڪنهن فرد،ڪٽنب يا قبيلي جو تعلق ڪنهن شيءِ، ٻوٽي، جانور يا پکيءَ سان ظاهر ڪيو وڃي. آڳاٽي زماني جا وحشي قبيلا پنهنجو پنهنجو خاص نشان مقرر ڪندا هئا،جيڪو ڪو جانور يا پکي هوندو هو، جنهن کي هو پنهنجو سرپرست سمجهندا هئا. هڪ ئي ٽوٽم يانياتي نشاني رکڻ وارا هڪٻئي جي مدد ڪرڻ فرض سمجهندا هئا. قديم معاشرن ۾ ٽوٽم هڪ اهڙو 'رسماتي' (Ritual) رشتو آهي،جنهن تحت ڪو قبيلو، ٽوٽم جو وارث بڻئي ٿو ته ان جو جانشين بہ ٿئي ٿو. انساني ثقافت ۾ ٽوٽم، قبيلي جي محافظ جو ڪردار ادا ڪري ٿو. ٽوٽميت جو تصور گهڻو ڪري دنيا جي سڀني ملڪن ۽ قومن ۾ ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ رائج رهيو آهي. هن وقت بہ ملائيشيا، آفريڪا، گني، آمريڪا ۽ آسٽريليا جي ماڻهن جي مذهبي ۽ ثقافتي زندگيءَ ۾ ٽوٽميت جو گهڻو عمل دخل نظر اچي ٿو.

تاريخ ۽ تهذيب کان اڳ واري زماني ۾ ڪائنات ۽ دنيا ۾ موجود شين کي سڃاڻڻ ۽ سمجهڻ کان وٺي، انساني سماج جي تشڪيل تائين ٽوٽميت جي تصورن بنيادي نوعيت جو ڪردا ادا ڪيو آهي. انهن تصورن فرد کي ڪٽنب ۽ ڪٽنب کي قبيلي ۾ ضم ٿيڻ جا موقعا فراهم ڪيا. اهي موقعا پيدا ئي تڏهن ٿيا جڏهن فردن ۽ قبيلن کي يانيات جي تصورن واري اهڃاڻي سڃاڻپ ملي. ٽوٽميت جا اهڙا اهڃاڻ موجوده سماجي زندگيءَ ۾ بہ ڏسي سگهجن ٿا.

علم الانسان جي مطالعي مان اسان کي خبر پوي ٿي تہ دنيا جي ماڻهن،قبيلن ۽ قومن جي ٻولين توڙي زندگيءَ جي ٻين ڪيترن ئي پهلوئن تي 'ٽوٽميت' (Totemism) جا تصور يا عقيدا گهڻو اثرانداز ٿيا آهن، پر هتي ٽوٽميت جي فقط انهيءَ رخ تي روشني وڌي پئي وڃي، جنهن مان اها خبرپوي تہ مختلف معاشرن ۾ ٽوٽميت جي ڪري جانورن بابت ڪهڙا تصور، رويا ۽ عقيدا اپنايا ويا. ڪهڙا جانور انهن سماجن لاءِ مقدس ۽ ڪهڙا ممنوع يا ناپاڪ ٿيا. انسان ۽ جانورن جو تعلق،جانورن جي اهميت ڪانسواءِ جانورن جي حوالي سان فن، آرٽ،موسيقي ۽ ٻولين تي مرتب ٿيل اثرن جو پتو پوندو. جنهن وسيلي جانورن سان لاڳاپيل علامتن ۽ اهڃاڻن جو پس منظر سمجهڻ ۽ انهن جي درجيبندي ڪرڻ ۾ آساني ٿيندي.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مصرين ۾ پڻ ٽوٽميت جو رواج هو. انهن جا سوين ديوتا هئا. انهن ديوتائن جا نالا پکين ۽ جانورن جهڙوڪ: گهيٽو، ڍڳو، ٻڪرو، مگر مڇ، ٻلي، نانگ، گدڙ، باندر، عقاب، سرڻ، ڳجهه وغيره جي نالن سان منسوب هئا ۽ اهي مقدس سمجهيا ويندا هئا. انهن جا عبادت خانا بہ تعمير ڪيا ويندا هئا. انهن کي مارڻ جي سزا موت هوندي هئي. دريافت جي حوالي سان، آسٽريليا ويجهڙائيءَ واري دور سان تعلق رکي ٿو. اتي اهڙا بہ جانور آهن جيڪي دنيا ۾ ٻين هنڌن تي ختم ٿي چڪا آهن،اتي اجا تائين بہ ڪي اهڙا اڻ سڌريل مقامي وحشي ماڻهو رهن ٿا جن جو پنهنجي پاڙيسرين سان طبعي يا لساني نموني جو ڪو تعلق ڪونهي. هو نہ ڪو گهر ناهين ٿا، نہ ئي زمين پوکين ٿا. ڪتي ڪان سواءِ ڪو بہ جانورڪونہ ٿا پالين. آسٽريليا جي انهن قبيلن جو مذهب ٽوٽم آهي. اهي قبيلا جيڪي مختلف برادرين ۾ ورهايل آهن،انهن جا پنهنجا جدا جدا ٽوٽم آهن، جيڪي انهن جي نالن کي بہ ظاهر ڪن ٿا. بهرحال انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ ڪونهي تہ ٽوٽميت هر تهذيب جي هڪ مخصوص دؤر ۾ لازمي موجود رهي آهي.

سماج ۾ ٽوٽميت جو واهپو ٻن نمونن سان ڏسڻ ۾ اچي ٿو، هڪ رسمن جي صورت ۾ ٻيو ٻوليءَ جي صورت ۾. سماجي رسمن ۾ شادي غمي يا موت،تعلقات، رشتا ناتا، اخلاقيات ۾ چڱو يا خراب، سياڳ يا نياڳ، حلال ۽ حرام جي معاملن سان ان جو واسطو رهي ٿو. سماج جي اهڙن سڀني معاملن جو جيڪو اثرٻوليءَ تي ٿئي ٿو، مثال طور: انهن ڳالهين بابت اظهار جا جيڪي لفظ يا نالا ٿين ٿا،انهن تي ٽوٽم جو اثر ٿئي ٿي. ماڻهن ۽ قبيلن جي سڃاڻپ ۽ انهن جي نالن تي ٽوٽم اثرانداز ٿيل نظر اچي ٿو. اظهار جي ڪن ٻين نمونن، عمل ردعمل،روين، اٿڻ ويهڻ جي نمونن،ڏيتي ليتي،فن، فڪر، لباس،ڏڻ وار،قومي امتيازي نشانن تي پڻ ٽوٽم ۽ ٽئبو (Taboo) جا اثر ڏسي سگهجن ٿا. انساني تاريخ ۾ ٽوٽم ۽ ٽئبوءَ جي مختلف پهلوئن جو ذڪر، هڪ الڳ ۽ ڊگهو موضوع آهي. ان بابت انگريزي ٻوليءَ ۾ جڳ مشهور عالمن: 'جارج جيمس فيريزر' ۽ 'سگمڊ فرائڊ' ۽ ٻين تفصيل سان بحث ڪيو آهي. سماجي لسانياتي حوالي سان سنڌي ٻوليءَ ۾ جناب ڊاڪٽر الهداد ٻوهيي، پنهنجي ڪتاب 'سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج' ۾ ان جو جزوي ذڪر ڪيو آهي. جيئن تہ ٽوٽم ۽ ٽئبوءَ جو ٻوٽن ۽ جانورن متعلق تصورن سان سڌو تعلق رهيو آهي ۽ انهن جو اڻ سڌو تعلق ٻوليءَ سان بہ آهي. ان ڪري جانورن ۽ ٻوليءَ بابت ڪنهن بہ تحقيق ۾ ٽوٽم ۽ ٽئبوءَ جو ذڪر نهايت

ضروري آهي. ٽوٽم جي وضاحت، تهذيب ۽ سماج جي حوالي سان ٻـ ٿئي ٿي، پر هت اسين انهن کي گهٽو تٽو ٻوليءَ ۽ جانورن جي حوالي سان ڏسڻ جي ڪوشش ڪنداسون.

ٽوٽم ۽ ٽئبوءَ جا اثر انسانن تي نهايت قديم ۽ مذهبن کان اڳ واري زماني جا آهن،ان ڪري چئي سگهجي ٿو تہ ٽوٽم ۽ ٽئبو ان دور جي ماڻهن جي داخلي ۽ نفسياتي ضرورتن جي پيداوار هو. ان ڪري اهو چئڻ تہ شعور کان وڌيڪ ماڻهوءَ جي طبعي ضرورت بنجي ويو. ٽوٽم ۽ ٽئبوءَ جي شروعات ڪڏهن کان ٿي ۽ انهن جي ضرورت ڇو پيش آئي؟ انهن سوالن جا نيڪ طرح سان جواب ملڻ ممڪن نظر نٿو اچي، پوءِ بہ انهن سوالن تي غورڪرڻ جي نتيجي ۾ ٽوٽم ۽ ٽئبوءَ جي تصورن کي سمجهڻ ۾ مدد ضرور ملي سگهي ٿي.

ٽوٽميت ۽ ٽئبو جي شروعات ڪڏهن ٿي؟ ان بابت انومان بہ ساڳيا ئي آهن جيڪي ٻولين جي پيدا ٿيڻ بابت آهن. يعني نيڪ طرح اهو معلوم ناهي ٿي سگهيو تہ انهن تصورن ڪڏهن وجود ورتو. البت ان سلسلي ۾ جارج جيمس فيريزر کان وٺي سگمنڊ فرائڊ ۽ ڊاڪٽر وزير آغا کان وٺي ڊاڪٽر الهداد ٻوهيي تائين ڪيل تحقيقي ڪوششون ان سوال جي پرکڻ جي راهہ ضرور هموار ڪن ٿيون. ڊاڪٽر وزير آغا جو چوڻ آهي: ”ٽوٽم جي شروعات ان دور جي يادگار آهي جنهن کي مزاجاً نباتاتي دور چئي سگهجي ٿو، جنهن ۾ انسان پوريءَ ريت زمين سان چنبڙيل هو. پوءِ جڏهن سندس زندگيءَ ۾ حيواني عمل دخل وڌيو تہ ماڻهوءَ جي زندگيءَ ۾ سڪون بجاءِ انتشار پيدا ٿيو، جنهن مان ٽئبوءَ جي رجحان جنم ورتو، جنهن سان ماڻهوءَ جي ذهن ۾ سٺي ۽ خراب، فائديمند ۽ نقصانڪار شين ۾ فرق ڪرڻ جي صلاحيت پيدا ٿي. ائين ٽئبوءَ جو تعلق طبعي رجحان بجاءِ ذهن ۽ شعور سان هو. جنهن شيءِ مان ماڻهوءَ کي نقصان پهچڻ جو انديشو هو ان شيءِ کي ٽئبو سمجهيو ويو تہ جيئن ماڻهوءَ جو تحفظ ٿي سگهي.“ (1999: 27). ونٽ (1912ع) جي شايع ٿيل مضمون ۾ لکيل آهي تہ تاريخ جي ڪنهن موڙ تي ٽوٽميت هر جڳهہ تي بلند تر تهذيب لاءِ رستو هموار ڪيو.ٽوٽميت ان عبوري دور جي نمائندگي ڪري ٿو، جيڪو قديم انسانن ۽ پوءِ خدائن ۽ سورمن جي وچ ۾ هو. ٽوٽميت جو تصور تاريخ کان بہ اڳ واري دور ۾ اُسريو هو، جڏهن انسان اڃا باقاعده سماجي ۽ تمدني زندگي اختيار نہ ڪئي هئي. ٽوٽميت سماج جي لاءِ ضروري

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

عنصرن جي پيدائش ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو. ان ماڻهن کي ڪنهن سماج اندر ڪنهن سماجي معاهدي تحت هڪ سڃاڻپ هيٺ گڏجي رهڻ جا بنياد فراهم ڪيا.اهو ئي سبب آهي جو اڄ جي سماجي زندگيءَ ۾ به ٽوٽميت جا ڪيترا اهڃاڻ نظر اچن ٿا.

اوائلي انسانن کي ٽوٽميت جي پيدا ٿيڻ جي ضرورت ڇو پيش آئي؟ ان جي باري ۾ اسان مختلف ماهرن جي ڪيل تحقيق جي روشنيءَ ۾ هيٺيان سبب بيان ڪري سگهون ٿا:

## (الف) ٽوٽميت واڌ ويجهه ۽ زرخيزيءَ خاطر:

شروعات ۾ انسان ايترو ته اڻوجهه رهيو آهي جو ان کي عورت جي پيٽ سان ٿيڻ جي سببن جي به خبر نه هئي. هو ان معاملي ۾ بنهه اڻ ڄاڻ هو.تڏهن هو عورت کي ماءُ به سمجهندو هو ته پيءُ به. سندس نظر ۾ عورت طرفان ٻار پيدا ڪرڻ ۾ ڪنهن به مرد يا نر جو ڪو ڪردار ڪونه هو. ان بجاءِ اهو سمجهيو ٿي ويو ته ٻار جي پيدا ٿيڻ ۾ ڪنهن جانور يا ڪنهن روح جو ڪو ڪردار هو، ان ڪري ٽوٽميت جو تعلق جانورن، ٻوٽن ۽ ڪن ٻين عنصرن سان ڳنڍيو ويو. جارج جيمس فيريزر (1961ع) جي چوڻ موجب آڳاٽي دور جا ماڻهو سمجهندا هئا ته ڪنهن مري ويل جو روح عورت جي پيٽ ۾ داخل هو جيڪو نئين ٻار جي صورت ۾ پيدا ٿيڻو هو.ان متعلق فرائڊ(2004ع) جو وري اهو خيال هو ته ان زماني جي عورت اهو سوچيو هوندو ته ڪو جانور،ٻوٽو يا پٿر ان جي وجود ۾ داخل ٿيو هو، جيڪو ٻار بنجي جنم وٺڻ وارو هو، ان جانور يا ٻوٽي کي عورت ٽوٽم سمجهيو هوندو ۽ ٽوٽم جا ٻيا قاعدا پوءِ وجود ۾ آيا هوندا. ان کان پوءِ هن، ان جانور يا ٻوٽي کي کائڻ کان انڪار ڪيو هوندو، ڇو ته ٽوٽم کي کائڻ خود پنهنجي پاڻ کي کائڻ جي برابر هو. 'ايروقين' اهو سمجهيو ته ٽوٽم شروع شروع ۾ عورت جي رڇ،بگهڙ،هرڻ سان جنسي عمل ڪري وجود ۾ آيا. اڻ سڌريل ماڻهو ديوتائن جي جنسي عملن کي احترام جي نظرن سان ڏسندا هئا. اهو ان ڪري ته اهي ان عمل کي پنهنجي نسل (يعني عورت) ۽ پنهنجي فصل (يعني زمين) جي زرخيزيءَ جو ڪارڻ ڄاڻندا هئا، جنهن ۾ ڪجهه جانورن، جهڙوڪ: ڳئون ۽ نانگ کي پيدائش جي قدرتي يا ديوتائي قوت سمجهي پوڄيو ويندو هو. نانگ مرداڻي عضوي جي بديءَ جي علامت سمجهيو ويندو هو. اهڙا ٽوٽمي عقيدا، اتر آمريڪا، آفريڪا،انڊيا جي دراوڙن ۽



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

آسٽريليا ۾ اڄ بہ موجود آهن. انهن ماڻهن ۾ خاندان جو سلسلو پيءُ جي بجاءِ ماءُ جي نالي سان منسوب هو. ٻار جي پيدائش کي روحن جو ڪارنامو سمجهيو و يندو هو. اهي ماڻهو سمجهندا هئا تہ انهن ٻارن جا روح پهريائين جبلن، دريائن يا وڻن ۾ رهندا هئا، ٻار جي وجود وٺڻ مهل اهي مائرن جي پيٽ ۾ داخل ٿيا هئا. آسٽريليا جي قديم ماڻهن جو اهو خيال هو تہ، اتفاق سان پيٽ ٿيڻ مهل ڪنهن وڻ تي ڪئنگرو جو روح موجود هجڻ جو خيال پيدا ٿيو تہ پوءِ ان ڄمندڙ ٻار جو ٽوٽم ڪئنگرو ليکيو ويندو هو. بهرحال فيريزر اهو ٿو سمجهي تہ ابتدائي دور جو ماڻهو ايترو باشعور نہ هو، ان ڪري ان جا وهم بہ ايترا ئي سادا هئا. فيريزر عورت جي پيٽ سان ٿيڻ وارن تصورن کي بہ ٽوٽم جو حصو ئي سمجهيو. ٽوٽميت جي هن پهلوءَ سان واسطو رکندڙ ڪي ضمني تصور، جهڙوڪ: قبيلي اندر شادي نہ ڪرڻ، ويجهن رشتن جو پاڻ ۾ جنسي لاڳاپا (Incest) قائم نہ ڪرڻ ۽ جانورن سان شاديءَ جا تصور وجود ۾ آيا.

**<u>جانورن سان شاديءَ جا تصور</u>:** زرخيزيءَ ۽ واڌ ويجهہ جو سڌو تعلق ٽن شين سان ٿئي ٿو: ماڻهن، ٻوٽن ۽ جانورن سان. آڳاٽي دؤر جو انسان پيدائش متعلق فطري ۽ سائنسي سببن کان واقف نہ هو، ان ڪري زرخيزيءَ يا پيدائش بابت ڏندڪٿائون ۽ عجيب و غريب سبب بيان ڪرڻ، ان جي مجبوري هئي. هن جا جهڙا خيال، ٻوٽن جي واڌ ويجهہ يعني زراعت بابت هئا، تقريباً اهڙا ئي توهماتي خيال، ماڻهوءَ جي پيدائش بابت بہ هئا. ٽوٽم جانورن سان باهم رشتن جي ڪري ابتدا ۾ جانورن ۽ انسانن سان شاديون ڪرڻ جا تصور بہ موجود هئا. اهڙين شادين جو ذڪر اسان کي مشهور سياح ابن بطوطہ جي سفرنامي ۽ جارج جيمس فيريزر جي ڪتاب ’گولڊن بو‘ ۾ بہ ملي ٿو.

برٽش ايسٽ آفريڪا جي ’اڪيڪويو‘ قبيلي وارا هڪ خاص درياهہ جي نانگ جي پوڄا ڪندا آهن ۽ ڪجهہ سالن جي عرصي کان پوءِ هو نانگ ديوتا کي عورتن ۽ خاص ڪري نوجوان ڇوڪرين سان شادي ڪرائيندا آهن. انهيءَ مقصد لاءِ قبيلي جي ’ويڄن‘ جي حڪم سان خاص جهوپڙيون اڏيون وينديون آهن، جتي اهي پاڻ ويساهہ وسوڙيل عورتن سان ديوتائيءَ شاديءَ جي تڪميل ڪندا آهن. جيڪڏهن ڇوڪريون پنهنجي رضا خوشيءَ سان ڪافي تعداد ۾ انهن جهوپڙين ڏانهن نہ وينديون آهن تہ ڪين

زبردستيءَ ديوتا جي هم آغوشيءَ لاءِ اوڏانهن گهلي وٺي ويندا آهن. انهن پراسرار ميلاپن مان جيڪي ٻار ڄمندا آهن تن کي ديوتا (نگائيءَ) جو اولاد سڏيو ويندو آهي. چيو وڃي ٿو ته هڪ دفعي جڏهن ايسٽ انڊين ٻيٽن مان ’بورو‘ نالي هڪ ٻيٽ جي ’ڪايبلي‘ مقام جي باشندن کي اچي انديشو پيدا ٿيو ته واڳون ايترا پيدا ٿيا آهن ۽ ايترا پڪڙيا آهن جو ڪين ڪائي ناس ڪري ڇڏيندا، تڏهن ان جو سبب هيءُ سمجهيو ته واڳن جي شهزادي جي اتان جي ڪنهن خاص ڇوڪريءَ سان بي انتها محبت ٿي وئي هئي. تنهن ڪري انهن هڪ ڪنواريءَ ڇوڪريءَ جي پيءُ کي، پنهنجي ڌيءُ کي ڪنوار جي پوشاڪ پهرائي ان واڳون عاشق جي چنبن ۾ اڇلائي ڏئي ڇڏڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو.“ (فيريزر، 1961: 337)

اهڙي ساڳي قسم جي رسم مالديپ ٻيٽن ۾، اتان جي باشندن جي اسلام قبول ڪرڻ کان اڳ مروج ٿي وئي ٿي. مشهور عرب سياح ابن بطوط، انهيءَ رسم جو بيان ڪيو آهي ۽ اهو به ٻڌايو آهي ته ان جي پڇاڙي ڪرڻ تي، هن کي متعدد معتبر مقامي ماڻهن يقين ڏياريو ته جڏهن مالديپ ٻيٽن جا رهاڪو اڃا بت پرست هئا،تڏهن انهن وٽ هر مهيني جنن منجهان هڪ بدروح ايندو هو، جو هڪ جهاز جي صورت ۾،جنهن ۾ مشعلون روشن هونديون هيون،سمنڊ جي طرف کان ايندو هو. بدروح جي ظاهر ٿيڻ تي اتان جي باشندن جو هي دستور هو ته اهي هڪ ڪنواريءَ ڇوڪريءَ کي هار سينگار ڪرائي سمنڊ جي ڪناري تي بيٺل پنهنجي هڪ مندر ڏانهن وٺي ويندا هئا، جنهن ۾ هڪ اهڙي دري هوندي هئي، جنهن مان سمنڊ ڏانهن نهاري سگهبو هو. رات جو هو ڪنواريءَ ڇوڪريءَ کي اتي ڇڏي ويندا هئا ۽ جڏهن صبح جو واپس ورندا هئا،تڏهن ڏسندا هئا ته هوءَ ڪنواري نه هوندي هئي ۽ پڻ مئي پئي هوندي هئي. هر مهيني پڪا ڪيندا هئا ۽ جنهن جي نالي به پڪو نڪرندو هو، سو پنهنجي ڌيءُ سمنڊ جي راڪاس جي حوالي ڪندو هو. سيني کان پوئينءَ ڇوڪريءَ کي، جيڪا اهڙيءَ طرح راڪاس کي آڇي وئي هئي، بربر قوم جي هڪڙي نيڪ ۽ خدا ترس انسان بچائي وڌو، ۽ قرآن جون آيتون پڙهي هُو ان بدروح کي واپس سمنڊ ڏانهن ڀڄائي ڇڏڻ ۾ڪامياب ٿي ويو.

ابن بطوط، جيڪا راڪاس عاشق ۽ ان جي فاني ڪنوارين جي ڳالهه بيان ڪئي آهي،سا هڪ اهڙي لوڪ ڪٿا سان گهڻي مشابهت رکي ٿي، جنهن جهڙيون

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڳالهيون مشرق ۾ جپان ۽ انامر ڪان وٺي مغرب ۾ سينيگمنبيا اسڪئنڊينيويا ۽ اسڪاٽليند تائين ٻڌيون ويون آهن. مختلف قومن جي ڳالهين ۾ ڪجهه تفصيلي فرق آهن،پر عام طرح اها ڳالهه هيئن ڪئي ويندي آهي: ”ڪنهن ملڪ ۾ ڪو ڪثير التعداد منهن وارو نانگ،ڪا بلايا ٻيو ڪو راڪاس اچي منهن ڏو ڪيي،جو سڄي قوم کي فنا ڪرڻ جي ڌمڪي ڏو ڏئي،جيڪڏهن ڪيس وقتاً فوقتاً ڪو ماڻهو، گهڻو ڪري،ڪا ڪنواري ڇوڪري کائڻ لاءِ نه ڏني ويندي. ڪيئي اهڙيون ڪنواريون ناس ٿي وڃن ٿيون ۽ آخر وقت جي بادشاهه جي ڌيءُ جي نالي قربان ٿيڻ جو پڪو نڪري ٿو. ڪيس راڪاس جي منهن ۾ ڏيڻ لاءِ موڪليو ٿو وڃي،پر قصي ۾ پيش ڪيل سورمو،جو گهڻو ڪري غريب خاندان جو نوجوان آهي،شهزاديءَ جي بدران ٽپي وچ ۾ پوي ٿو؛ بلا کي ماري ٿو ۽ انهيءَ بهادرانه ڪارنامي جي انعام طور شهزاديءَ جي ٻانهن حاصل ٿو ڪري.“ زياده تر قصن ۾ بلا،ڪڏهن ڪڏهن وڏو نانگ يا ازدها ٻڌائي ويندي آهي، جيڪا ڪنهن سمنڊ،درياهه يا چشمي جي پاڻيءَ جي رهاڪو آهي. ڪن ٻين روايتن ۾ اها بلا هڪ نانگ يا ازدها هوندي آهي جا پاڻيءَ جي چشمن تي قبضو ڪندي آهي ۽ انهن جي پاڻيءَ جي وهڻ يا اتان جي ماڻهن کي ان جي استعمال جي اجازت ڪنهن انساني قرباني ملڻ جي شرط تي ڏيندي آهي.

## (ب) ٽوٽميت فردن ۽ قبيلن جي سڃاڻپ لاءِ:

آڳاٽي زماني ۾ فردن يا قبيلن ۽ قومن آڏو پنهنجي سڃاڻپ ظاهر ڪرڻ به هڪ مسئلو هو. ان لاءِ ضروري هو ته فرد يا قبيلا پنهنجي سڃاڻپ لاءِ ڪا نسبت قائم ڪن. انفرادي يا اجتماعي شناخت جي مونجهاري هيث فردن جي الڳ سڃاڻپ نه هئي. جيئن جانورن ۾، جيڪي ٽولن يا ولرن جي صورت ۾ رهن ٿا،انهن ۾ انفرادي حيثيت کي ڪا اهميت نه هوندي آهي،تيئن شروعات ۾ انسان به ائين ئي هو. سا ڳئي وقت گروهه کي به سڃاڻپ لاءِ ڪنهن نسبت يا نالي جي ضرورت هئي. اهڙي وقت ۾، ٽوٽميت جي تصورن نه فقط ان مسئلي جي حل ڪرڻ ۾ مدد ڪئي، پر ان سان گڏ ٽوٽميت قبيلي کي متحد ڪرڻ ۾ پڻ مدد ڪئي. ”ماڻهو اجا تائين پاڻ کي ’مان‘ يا ’آءٌ‘ چوڻ ڪونه سکيو هو، هُن اجا به پنهنجي پاڻ کي جرڳي يا گروهه جو حصو ٿي سمجهيو. هر گروهه يا جرڳي جو پنهنجو نشان (ٽوٽم) هوندو هو، جيڪو انهن جو گڏيل خانداني سربراهه ۽ محافظ

(ڪنهن جانور جي نالي سان) هوندو هو. ڪو گروهه پاڻ ڪي پاڏو چورائيندو هو ته ڪو رڇ، ته ڪو هرڻ. گروهه جا ماڻهو هڪ ٻئي لاءِ جان ڏيڻ ڪان نه ڪيٻائيندا هئا. هر جرڳي جي رسمن ڪي پنهنجي نشان جي مرضي سمجهندا هئا ۽ نشان جي مرضي ئي قانون هوندي هئي." (ايلن ميخائيل،1982: 139) ان سلسلي ۾ هيٺين نالي هڪ ماهر اهو مفروضو قائم ڪيو هو ته، اهڙو ٻوٽو يا جانور،جنهن ڪي ڪو قبيلو خوراڪ طور استعمال ڪندو هو، اهو ئي ان قبيلي جي گذران جو اهم وسيلو هو،ان ڪري اهو ٻوٽو يا جانور ئي انهيءَ قبيلي جي سڃاڻپ يا ٽوٽم بنجي ويو. اهوئي جانور قبيلي درميان ڏيتي ليتيءَ جو ذريعو بڻيو ۽ اڳتي هلي ڪرنسيءَ طور تي استعمال ۾ آيو. رابرٽسن جو چوڻ آهي ته، ٽوٽميت قديم ماڻهن طرفان پنهنجا نالا رکڻ جي ڪوشش هئي. جيئن هو لکي ٿو ته، ٽوٽم اصل ۾ قديم ماڻهن جو پاڻ ڪي ڪو نالو ڏيڻ جي ڪوشش جو هڪ طريقو هو.اهي گروهي نالا به انفرادي نالن جيترا اهم هئا. ڪنهن شخص ڪي ان جي پيدائش واري جاءِ، خاندان ۾ ٿيل ڪنهن واقعي جي نسبت يا جسماني ۽ اخلاقي خاصيت جي حوالي سان نالو ڏئي پيو سگهجي، پر هڪ ئي سلسلي سان تعلق رکندڙ يا هڪ ئي قبيلي وارن ڪي ،خانابدوش زندگي گذارڻ واري حالت ۾، الڳ الڳ نالن ڪان سواءِ ڪنهن ٻئي حوالي سان سڃاڻڻ يا فرق ڪرڻ مشڪل هو. ان ڪري قبيلن جي نالن ڪي فطري شين سان منسوب ڪرڻ ان جو بهترين حل هو. اهو تصور ڪرڻ ڏاڍو مشڪل هو ته خانابدوش ماڻهو ان طريقي سان نالا نه رکن ها ته پوءِ ڪيئن رکن ها. (ول ڊيورانٽ،2003: 79) اهڙيءَ طرح اڳتي هلي ٽوٽميت سماج ۾ فردن،قبيلن ۽ گروهن ڪي سڃاڻپ جو هڪ واضح مربوط نظام مهيا ڪيو. نسل جو تعلق ماءُ پيءُ سان ڄاڻائڻ يا باهمي رشتن ناتن جو وهنوار به گهڻو تڻو ٽوٽميت سان ئي لاڳاپيل آهي. سڃاڻپ جي ان ٽوٽمي نمونن جا وڌيڪ هيٺيان ضمني تصور هئا:

1. <u>**نسل جو تعلق ماءُ يا پيءُ سان ڄاڻائڻ:**</u> جيئن جانورن ۾ نسل جي سڃاڻپ ماءُ سان ٿئي ٿي ته، "هي گابو فلاڻيءَ ڏڳيءَ جو آهي"، "هي ڇيلو ٻري ٻڪريءَ جو آهي"، ان ۾ نر جي ڪردار ڪي نظرانداز ڪيو وڃي ٿو تيئن انساني نسل متعلق اوائل ۾ ساڳيو ئي خيال هو. سماجي ارتقا جي ماهرن جو چوڻ آهي ته، شروع وارو انساني سماج مادرزاد سماج هو.ڪنهن زماني ۾ ماڻهوءَ جي نسلي لاڳاپي ڪي ماءُ جي نالي ئي سان بيان ڪيو ويندو هو. ريڊ انڊين قبيلن ۾ نسلي تعلق ڄاڻائڻ لاءِ ٻار سان



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ماءُ جو نالو شامل ڪيو ويندو هو. جيڪڏهن پيءُ هرڻ قبيلي جو هوندو هو ۽ ماءُ رڇ قبيلي جي، تہ ٻار رڇ قبيلي جا سمجهيا ويندا هئا. پيءُ طرفان وراثت جو سلسلو بعد ۾ پيدا ٿيو. شروع ۾ ٽوٽم ماءُ جي طرفان هوندو هو. پيءُ جي نالي سان نسل يا پيڙهيءَ جي سڃاڻپ، مرد بالادستيءَ واري سماج جو اهڃاڻ آهي. ٽوٽم پهريائين ماءُ ۽ پيءُ جي متبادل طور اختيار ڪيو ويو هو، ان ڪري اهي جانور جن کي ٽوٽم سمجهيو ٿي ويو، تن کي پيءُ ۽ ماءُ جيتري اهميت ڏني ٿي وئي. جن جانورن کي ماءُ جو متبادل ٽوٽم سمجهيو ويو سي گهڻو ڪري بي ضرر ۽ سٻاجها جانور هئا، ڇوتہ پيءُ جي ڀيٽ ۾ ماءُ وڌيڪ رحمدل ۽ دياوان هئي. ”پيءُ جي ٽوٽم طور وڌيڪ خوفائتن ۽ خطرناڪ جانورن کي بہ اختيارڪيو ويو، ڇاڪاڻ تہ پيءُ سان پنهجي اولاد جي بہ رخي جذباتي وابستگي هئي. اهي پيءُ سان پيار بہ ڪندا هئا تہ ان کان ڊڄندا بہ هئا. اڳتي هلي ٽوٽم جانورن انساني روپ بہ اختيار ڪيو. جنهن مان ديوين ۽ ديوتائن جو تصور بہ جنم وٺڻ لڳو. عيسائيت ۾ خدا جي پيءُ هجڻ وارو تصور ۽ هندن ۾ ڌرتي ماتا وارو تصور انهيءَ تصور جي ترقي يافتہ شڪل هئا.“ (فرائڊ، 2004: 236)

**2. باهمي رشتا ناتا:** رشتا مختلف نمونن جا ٿين ٿا. فرد جو فرد سان، فرد جو قبيلي سان ۽ هڪ قبيلي جو ٻئي قبيلي سان رشتو وغيره. جيئن سڃاڻپ لاءِ ٽوٽمي نالا اختيار ڪيا ويا تيئن رشتن جو نظام قائم ڪرڻ لاءِ بہ ٽوٽم ئي ڪم آيا. رشتن جو بنياد ويجهڙائپ تي ٿئي ٿو. جيئن رت جا رشتا وڌيڪ ويجها هوندا آهن، تيئن سمجهڻ گهرجي تہ آڳاٽن انسانن جو ٽوٽم سان رشتو، رت جي رشتن وانگر گهرو هو، ان ڪري ساڳئي ٽوٽم وارن فردن جو رشتو وڌيڪ اهميت وارو هو. انسان ۽ ٽوٽم جو باهمي رشتو ٻنهي لاءِ فائديمند سمجهيو ٿي ويو. آڳاٽي زماني ۾ ڀاڙ کي جهنگلي پاڏي، رڇ يا بگهڙ وغيره جا ٻار سڏائڻ ڪا بري ڳالھ نہ ليکبي هئي. انهن کي قبيلي جو محافظ ۽ رازق بہ سمجهيو ويندو هو. ٽوٽم ۽ ماڻهوءَ جي باهمي رشتي جي تقاضا اها هئي تہ پنهنجي پيءُ کان سواءِ هر ان ماڻهوءَ کي پيءُ ڪري سڏجي، يا 'بابا' چوڻ يا هر اهڙي عورت کي ماءُ يا 'امان' سڏڻ جنهن جي عمر پنهنجي ماءُ پيءُ جيتري هجي يا ڀيڻ جي عمر جيتريءَ کي ڀيڻ سڏڻ جو رواج بہ ٽوٽم جي نشاندهي ڪري ٿو. (فرائڊ، 2004: 195) يا جانورن کي 'اما، بابا' ڪري سڏڻ بہ ٽوٽم جي ئي نشاني آهي.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

**3. سچاٽپ جا نالا ۽ نشان:** ٽوٽم جانور کي پنهنجي برادريءَ يا قبيلي جو نشان سمجهي، پنهنجي نالن ۾ ان جو حصو شامل ڪيو ويو. ڪن ماڻهن ۽ قبيلن تي اڄ تائين جانورن جا نالا رکڻ، ٽوٽميت جي نشاني آهي. موقي قوم وارا قبيلائي علامتن رکندڙ قبيلن ۾ تقسيم ٿيل آهن، جهڙوڪ: ’رڇ _ قبيلو‘، ’بگهڙ_ قبيلو‘، ’سهڙ _ قبيلو‘، وغيره وغيره. (فيريزر، 1961: 1214) جن جي جيڪسن (2005ع) موجب سينيڪا آئروڪيس قبيلن جا سيئي نالا جانورن جي نالن تي رکيل آهن. جنهن جانور جو نالو قبيلي تي رکيل آهي، اهو ان قبيلي جو جد امجد آهي. رڇ قبيلي جو ماڻهو اوهان کي پنهنجو تعارف ڪرائيندي ٻڌائيندو ته، ان جا ابا ڏاڏا رڇ هئا، يا ڪو اوهان کي اهو ٻڌائيندو ته، ان جا ابا ڏاڏا بگهڙ هئا. اهو ئي ٽوٽم هو. آڳاٽي وقت ۾ ماڻهن پاڻ کي پنهنجي ابن ڏاڏن کي ٽوٽم (جيڪو ڪو جانور يا ٻوٽو ٿئي ٿو) جي سچاٽپ ڏيندا هئا ۽ انهن کي نقصان به نه پهچائيندا هئا، جو ته ان وقت انهن پنهنجي سچاٽپ ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪنهن جانور يا ٻوٽي کانسواءِ فرق ڪرڻ ڏاڍو مشڪل هو، ان ڪري قبيلن ۽ فردن پنهنجي شناخت لاءِ پنهنجي ٽوٽم جانورن يا ٻوٽن جا نالا پاڻ تي رکيا. پهريائين ٽوٽم قبيلي جو نشان هو ۽ پوءِ قبيلي جو نالو بڻجي ويو ۽ اڃا به اڳتي هلي پوءِ اهو اُن قبيلي جو معبود بڻجي ويو. دنيا جي ڪيترين قومن، قبيلن ۽ فردن تي جيڪي جانورن يا ٻوٽن جا نالا رکيا وڃن ٿا، اهي قديم زماني ۾ رائج ٽوٽميت جي تصورن کي ظاهر ڪن ٿا. خاص طرح سان عربن ۾ ٽوٽمي نالا رکڻ جو گهڻو رواج هو. بنواسد، بنوفهد، بنوثعلب، بنوڪلب، بنونمل ۽ بنوعجل وغيره اهڙا قبيلا هئا جن پاڻ تي اهڙن جانورن جي نسبت سان نالا رکيا هئا، جيڪي انهن قبيلن جا ٽوٽم هئا. ڪن مسلمان عالمن جو خيال آهي ته، اصل ۾ اهي نالا انهن ستارن جا آهن، جن جي اهي قبيلا پوڄا ڪندا هئا. حقيقت ڪيئن به هجي، پر اهي قبيلا جانورن جي نالي سان ضرور سڃاتا ويندا هئا. انگريزن جي نالن ۾ Fox، Bull ۽ Cat وغيره اهڙي قسم جي اثرن جي نشاندهي ڪن ٿا. سنڌ ۾ ڪيترين ذاتين ۽ ماڻهن جا نالا جانورن جي نالن تي رکيل آهن، اهي پڻ ٽوٽميت سان تعلق رکن ٿا.

**4. تصويرون ۽ نشان:** دنيا ۾ ڪيترن هنڌن تان، پٿر واري دؤر سان تعلق رکندڙ، قديم زماني ۾ انساني رهائش طور استعمال ٿيل غارن ۾، جيڪي جانورن جون تصويرون چٽيل ملن ٿيون، اهي انهن ماڻهن جي ٽوٽمي نسبتن کي ظاهر ڪن ٿيون.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

آڳاٽي مصوري ٽوٽم جانورن جي تصويرن جي گهڻي نمائندگي ڪري ٿي. آثار قديمه وارن کوٽائيءَ مان جيڪي قديم مهرون ۽ ٺانوَ هٿ ڪيا آهن،انهن تي بہ جانورن جون شڪليون چٽيل آهن. اهي انهن ماڻهن جا ٽوٽم آهن. ڪن ماڻهن پاران لباس تي جانورن جون شڪليون بہ اصل ۾ ٽوٽمي نشان آهن. ڪن قومن جي جهنڊن تي جانورن جون تصويرون يا نشان انهن جي ٽوٽم کي ظاهر ڪن ٿا.ٽوٽميت جي هلڪي اهڃاڻ طور ويدن ۾ آيل مهاڀارت واري لڙائيءَ مان هڪ مثال وٺي سگهجي ٿو. راجا جئدرٿ جي پانڊون سان "جڏهن مهاڀاري جنگ شروع ٿي، تڏهن هُو، پنهنجي جهنڊي هيٺان جمع ڪيل فوج جي وڏي تعداد سان ڏريوڌن سان وڃي مليو، جنهن جي جهنڊي جي چوٽيءَ تي چانديءَ جي ٺهيل جهنگلي سوئر جو بت هن جي پنهنجي قبيلي يا فوج جي نشان طور ڏنل هو." (ايچ. ٽي. ليمبرڪ، 1999: 122) يوٽان جي جهنڊي تي ڪا خيالي بلا، ليسوٿو جي جهنڊي تي ماڻهو، سريلنڪا جي جهنڊي تي مشعل سان شينهن ، زمباوي جي جهنڊي تي ڪو پکي يا ڪبوتر ٽوٽمي تصورن جا اهڃاڻ آهن. جانورن جي جسم تي ڏنڀ وسيلي ڪي نشان قائم ڪرڻ بہ ٽوٽمي علامت آهي. فوجي امتيازي نشان ۽ هٿيارن تي جانورن جون تصويرون بہ ٽوٽميت جي زمري ۾ اچن ٿا. ڪي ماڻهو پنهنجي جسم تي جانورن جون جيڪي تصويرون يا ڏنيوڙين (Tattoos) جا نشان چٽين ٿا ۽ ڪن طمغن تي عقاب ۽ ببر شينهن جي شڪل جا اڪريل نشان بہ ٽوٽمي اهڃاڻ آهن. روسين جو قومي نشان رڇ آهي. جرمن ۽ امريڪين جو عقاب ۽ چينين جو ازدها آهي. ملڪن يا قومن جا ان قسم جا قومي جانور يا جانورن جا قومي نشان اصل ۾ قديم زماني کان اختيار ڪيل انهن جي ٽوٽمي عقيدن جا اهڃاڻ آهن. ڪن ملڪن جي سڪن تي جانورن جون شڪليون پڻ انهيءَ پس منظر ۾ آهن. جيئن: حميري بادشاهہ جي سڪي جي هڪ پاسي سندس تصوير ٻئي پاسي چبري يا ڍڳي جي مورتي جو نقش هو. اٿينز جي سڪي تي چبري جي شڪل هئي، جيڪو اٿينا ديويءَ جو مقدس پکي سمجهيو ويندو هو ۽ ان کي عقل ۽ ڏاهپ وارو تصور ڪيو ويندو هو. "اڳئين زماني ۾ بادشاهہ پنهنجي پاڻ کي بد نظر کان بچائڻ لاءِ دربار ۾ بد صورت مسخرو ويهاريندا هئا، جنهن کي بونو (ڄامڙو) يا ڪبڙو چيو ويندو هو،جنهن کي 'نظر بٽو ' (نظر جو ٽڪو) بہ چوندا هئا، يعني نظر بد هٽائڻ وارو. شاهہ عباس صفوي هڪ ڪرد چوڪرو پنهنجو مسڪوٽ ڪري رکيو هو. اڄڪلهہ مغرب وارا فوج ۾ رجمينٽ يا برگيڊ جو هڪ 'مسڪوٽ' رکن ٿا جو عام

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

طور کو جانور يا پکي هوندو آهي. اها رسم پڻ ٽوٽم جو يادگار آهي.“ (علي عباس جلالپوري، 2000: 230)

5. **تحريرون:** غارن جي زماني جي قديم تصويري تحريرن ۾ جانورن جي شڪلين جهڙيون گهٽيون ٽٽيون لڪيرون ۽ آڏا ابتا ليڪا ٽوٽميت جو يادگار آهن. اڄ جي زماني تائين، عرب توڙي سنڌ ۾ جانورن تي داغيل نشان بہ آڳاٽين ٽوٽمي تصور وارين تحريرن جا اهڃاڻ آهن.

## (ٻ) ٽوٽميت خوف ۽ عدم تحفظ جي احساس کان ڇوٽڪاري واسطي:

انساني تاريخ ۾ اهو بہ ڪو زمانو هو، جڏهن جانورن جي مقابلي ۾ انسان بنهہ هيٺو، لاچار ۽ بيوس هو. ان جي چوطرف جهنگلي دنيا وحشي ۽ خونخوار جانورن سان ڀريل هئي. سندس سامهون فقط ٻہ رستا هئا تہ اهڙن وحشي ۽ طاقتور جانورن جو مقابلو ڪري يا انهن جي ڪاوڙ ۽ وحشت کي ڪنهن طرح سان ٿڌو ڪري. ظاهر آهي حيواني وحشت ۽ طاقت سان منهن مقابل ٿيڻ جي وٽس سگهہ ڪانہ هئي، ان ڪري شروعات ۾ انسان ٻيو طريقو اختيار ڪيو يعني ڪنهن طرح بہ انهن کي راضي ڪري. جيتوڻيڪ اهو بہ ان وقت جي ماڻهوءَ جو هڪ تصور ئي هيو، پر ان سان وقتي طور ڪيس عدم تحفظ ۽ خطري جي احساس کان ڇوٽڪارو ملي ٿي ويو. اهڙي طرح خوف جي احساس کان بچڻ جي ڪوشش بہ ٽوٽميت جي پيدا ٿيڻ جو ڪارڻ بڻي.

## (پ) ٽوٽميت محافظ ۽ مددگار جي حيثيت ۾

آڳاٽي زماني جو ماڻهو، روح کي مجسم يا ڪا مادي شيءِ سمجهندو هو، ان ڪري ان ماڻهوءَ جي روح جو ڪنهن رڇ، پولڙي ، ڳئون، طوطي يا ڪنهن ٻوٽي جي شڪل ۾ هجڻ ڪا عجب جهڙي ڳالهہ نہ هئي. اهو جانور يا ٻوٽو ئي انسان جو محافظ سمجهيو ٿي ويو. جنهن صورت ۾ روح کي ڪنهن جسم، ٻوٽي يا ڪنهن جانور سان تعبير ڪيو ٿي ويو، ان ڪري ماڻهوءَ جو موت ان جي جسم جو موت نہ، پر ان جي روح جو موت تصور ڪيو ويندو هو. اهو ضروري ناهي تہ اهڙو روح ماڻهوءَ ۾ موجود هجي، اهو ان کان الڳ رهي بہ هڪ همدرد قوت (Sympathic) سان ان کي زندهہ رکي

سگهي ٿو. جيستائين اها شيءِ جنهن کي هو جان يا روح سڏي ٿو، سلامت آهي ته ماڻهو به سلامت رهي ٿو، جيڪڏهن ان کي ڪو نقصان پهچي ته ماڻهو بيمار ٿئي ٿو،ان کي تباهه ڪيو وڃي ته ماڻهو مري وڃي ٿو. ٻين لفظن ۾ جڏهن ڪو ماڻهو بيمار ٿئي ٿو يا مارجي وڃي ٿو ته ان جي تشريح اها ڪئي وڃي ٿي ته ان مادي شيءِ،جنهن کي ان جو روح ٿو چئجي، پوءِ اها ان جي جسم ۾ هجي يا جسم کان ٻاهر، ان کي ضرور ڪو نقصان پهتو آهي، يا ان کي تباهه ڪيو ويو آهي.“ (جان. جي جيڪسن،2005: 75) موت جي خطري کان بچڻ لاءِ آڳاٽي انسان پنهنجي روح کي ڪنهن ٻيءَ شيءِ ۾ منتقل ڪرڻ ضروري ٿي سمجهيو. جڏهن هو سمجهندو هو ته، سندس روح ڪنهن ٽوٽم (جانور يا ٻوٽي ) ۾ منتقل ٿي ويو آهي ته پوءِ هرحالت ۾ هو ان جي حفاظت به ڪندو هو ته جيئن سندس ٽوٽم کي ڪو نقصان نه پهچي. ڪن حالتن ۾ ان ماڻهوءَ کي اها خبر ڪانه هوندي هئي ته سندس روح ان نسل جي ڪهڙي جانور ۾ آهي ته پوءِ ان نسل جي سڀني جانورن جي حفاظت ڪرڻ ضروري سمجهندو هو. اهڙن خيالن جي اثر هيٺ ماڻهو انفرادي طور يا پورو قبيلو ٽوٽم جانورن جي حفاظت ڪندو هو. هو انهن جو گوشت به نه ڪائيندا هئا. اهو به خيال ڪندا هئا ته اهو ٽوٽم سندن محافظ ۽ همدرد، جڏهن ته ٻين لاءِ اهو نقصانڪار هو. محافظ هجڻ جي حيثيت ۾ ٽوٽم جانور لاءِ ماڻهو سمجهندا هئا ته اهو خطري جي حالت ۾ يا مستقبل ۾ سندن بري ڀلي بابت کين آگاهه ڪري ٿي سگهيو. ٻوڏ يا طوفان،زلزلي يا خراب موسم بابت کين اڳوات اطلاع ڏئي ٿي سگهيو. اڄ جي سڌريل زماني ۾ به ڪن جانورن يا پکين لاءِ اهو سمجهيو ويندو آهي ته اهي ماڻهن کي ڪي خفيه اطلاع پهچائين ٿا.، يا اهي غيبي قاصد آهن. شروعات وارا ٽوٽم ڪي جانور هئا، جن کي مختلف قبيلا مقدس سمجهي خدا جي حيثيت ۾ انهن جي پوڄا ڪندا هئا. هرقبيلي جو ٽوٽم جدا هو، ان ڪري سمجهيو ته انهن جو خدا به هڪ ٻئي کان جدا هو. جيئن ته هر قبيلي جو ٽوٽم پنهنجو هو، ان ڪري اهو سندس دوست ۽ مخالف قبيلي وارن جو دشمن هو، بلڪ ان جي عزت ۽ رکوالي پڻ ڪندو هو. قديم دؤر جي انسان جي خيال ۾ ٽوٽم جانور کي غيبي قوت هئي، ان ڪري هو انهن کي پنهنجي ۽ ديوتائن جي وچ ۾ رابطي جو ذريعو پڻ سمجهندو هو. ٽوٽم جي محافظ ۽ مددگار واري حيثيت جا آثار اڄ جي سماجن ۾ به ڏسي سگهجن ٿا. سنڌ ۾ وڏيرا، پير، بزرگ، سياسي ليڊر، برادرين جا چڱا مڙس ۽ سردار جڻ ته آڳاٽي زماني وارو ٽوٽمي ڪردار ادا

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪري رهيا آهن.(ان بابت ڏسو راقم جو لکيل هڪ مضمون ”سنڌي قوم جا هاٽوڪا ٽوٽم ۽ ٽبو“) بهرحال ٽوٽم جي اها حيثيت هينيئن ريت سماج لاءِ ڪارائتي بڻي.

**1. ٽوٽم اتحاد جو سبب ۽ اڳواڻ جي علامت:** ٽوٽم برادريءَ جو ڳڏيل جدامجد يا سربراهہ ٿئي ٿو، جيڪو انهن جو مددگار ۽ رکوالو ٿئي ٿو. ڪين مستقبل جي باري ۾ پيغام بہ موڪلي ٿو.قبائلي ٽوٽم، جيڪو پوري قبيلي جو ڳڏيل هوندو آهي، اهو ورثي ۾ بہ منتقل ٿيندو رهندو آهي. مذهبي وجود طور ٽوٽم قبيلن کي متحد ٿيڻ ۾ مدد ڪئي.ياٿپيءَ وارن لاڳاپن لاءِ شينهن، عقاب،ڦاڙهو ۽ هرڻ مختلف قومن جا ٽوٽم بنجي ويا.

**2. جانورن جي پالنا ۽ تحفظ:** اهي جانور، جيڪي ماڻهن جا ٽوٽم بڻيا ان نسل جي جانورن کي انهن پنهنجو محافظ ۽ پنهنجي لاءِ ڪارائتو سمجهي پالڻ شروع ڪيو. دنيا ۾ اڄ تائين بہ ڪن جانورن کي بنا ڪنهن سبب جي پالڻ ۽ پکين کي پڃرن ۾ رکڻ انهيءَ دور جو يادگار آهي. انهيءَ رجحان هيٺ تہ ڪي قبيلا ڪن جانورن کي پنهنجو ’رازق‘ يعني رزق ڏيندڙ بہ سمجهڻ لڳا. سنڌي ٻوليءَ ۾ کير ڏيندڙ ڳهرو چوپاين کي ’رزق‘ بہ انهيءَ پس منظر ۾ سڏيو ويجي ٿو. ائين انساني سماجن ۾ جانورن جي پالنا ۽ انهن جي تحفظ جي شروعات ٿي. اهڙن جانورن کي مقدس سمجهيو ويو. جيڪڏهن پولڙو يا ڳئون ڪنهن جو ٽوٽم هو تہ سڄي دنيا جا پولڙا ۽ ڳئون ان لاءِ مقدس ۽ احترام لائق هئا.

## (پ) موت کان پوءِ زندگيءَ جي خواهش:

جرمن مصنف جي. اي. ولڪن (Wilken) ٽوٽميت کي تناسخ واري عقيدي سان ڳنڍيو آهي.ڪو اهڙو جانور جنهن ۾ مري ويل جو روح سمائجي ويو هجي، ان کي ٽوٽم جو درجو ڏنو ويندو هو. اهڙن خيالن جو اظهار هل ٽائوٽ (Hill-Tout) بہ ڪيو هو. ”ٽوٽم جانور گهڻو ڪري پکي، نانگ،ساندبون يا ڪوئا هوندا هئا، جن کي روحي جانور (Soul animal) بہ سڏيو ويجي ٿو. اهي جانور جيئن تہ هوا، پاڻي يا زمين تي تمام تيزيءَ سان حرڪت ڪن ٿا ۽ خوف جو احساس پيدا ڪن ٿا، اهو ئي سبب آهي تہ ڪو بہ روح جسم ڇڏيندي ئي انهن جانورن ۾ منتقل ٿي ٿي ويو.ان ڪري ونٽ ان ڳالهہ تي زور



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڏنو تہ ٽوٽميت جو ظھور مظاھرپرستي (Aninism) سان ٿيو.“ (فرائڊ، 2004: 238) مشھور مصنف جان.جي. جيڪسن (2005ع) پڻ اھڙن خيالن جي تائيد ڪئي آھي. ان بابت وڌيڪ سمجھائيندي چوي ٿو تہ، ٽوٽميت ۾ ويساھ رکندڙ وحشي قبيلا، موت کان پوءِ ٻيھر جنم وٺڻ جا قائل رھيا آھن. اھي اھڙيون رسمون ملھائين ٿا، جن ۾ ڪنھن نوجوان کي مرڻ جو ڊرامو ڪرايو ويندو آھي. پھريائين ان نوجوان جو روح قبيلي جي ٽوٽمن ۾ داخل ٿي ويندو آھي، پوءِ وري ٽوٽم جي روح کي نوجوان ۾ داخل ٿيل سمجھيو ويندو آھي. تقريب جو خاتمو ھڪ اھڙي رسم تي ٿيندو آھي جنھن جو مقصد نوجوان کي نئين زندگي ڏيارڻ ھوندو آھي. ان رسماتي موت ۽ نئين زندگيءَ جو مقصد فيريزر جي بيان مطابق اھو ھوندو آھي تہ نوجوان بطور انسان مرندو آھي ۽ ٻيھر بطور حيوان زندھ ٿيندو آھي. ھاڻ اھو سمجھيو ويندو آھي تہ جانور جو روح نوجوان ۾ سمائجي ويو آھي ۽ ان جو انساني روح جانور ۾ ھليو ويو آھي. ان ڪري اھو پاڻ کي پنھنجي ٽوٽم مطابق رڇ يا بگھڙ سمجھڻ لڳندو آھي ۽ رڇن يا بگھڙن کي پنھنجو رشتيدار سمجھندو آھي. ٽوٽمي تنظيم جي قائل ڪجھ وحشي قبيلن ۾ موت کان پوءِ وري زندھ ٿيڻ جي رسم بہ موجود ھوندي آھي. اھڙين رسمن ۾ قبيلي جا نوجوان مرڻ جو ڊرامو ڪندا ھئا. موت جو ڪوڙو ڏيکاءُ ڪرڻ دوران نوجوانن جا روح قبيلي جي ٽوٽمن ۾ داخل ٿي ويندا ھئا. پوءِ ٽوٽمن جي روحن کي نوجوانن جي جسمن ۾ داخل ٿيل تصور ڪيو ويندو ھو. اھڙين تقريبن جو مقصد نوجوانن کي نئين زندگي ڏيارڻ ھوندو ھو. فيريزر(1961ع) موجب ڇوڪرو بطور انسان مرندو ھو ۽ بطور جانور زندھ ٿيندو ھو. ھاڻ جانور جو روح ان ۾ سمائجي ويندو ھو ۽ ان جو انساني روح ان جانور ۾ ھليو ويندو ھو. اھڙيءَ طرح اھو پنھنجي ٽوٽم مطابق خود کي رڇ يا رڍ سمجھندو ھو. رڇ يا رڍ کي پنھنجو ڀائي بند سمجھڻ ۾ حق بجانب ھوندو ھو، ڇو تہ ان جو يا ان جي قريبي رشتيدارن جو روح انھن جانورن ۾ پيل ھوندو ھو. ماڻھوءَ جو جانورن جي شڪل اختيار ڪرڻ يا جانور جو ڦري ماڻھو جي روپ ۾ اچڻ وارا اوائلي تصور گھڻو ڪري ٽوٽميت سان ئي تعلق رکن ٿا.

## انسانن ۽ جانورن جي شڪل صورت ۾ باھم تبديلي:

ڇا انسان بہ ڪڏھن جانور ھئا؟ ڇا جانور مان ڪي، اصل ۾ ڪڏھن انسان



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

هئا؟ ڇا جانور انسان جي ۽ انسان جانورن جي شڪل اختيار ڪري ٿي سگهيا؟ سائنسي ۽ مذهبي نظرين يا عقيدن جي تنازعي ڪان ڇڏي، ٻولي، ٻوليءَ جي ميٿالاجي،لوڪ قصن ۽ ديومالائي داستانن تي نظر وجهبي ته مٿين سوالن بابت ، ماڻهن جي ارمانن، ويچارن، خواهشن، قياسن ۽ گمانن تي آڌاريل ڪي نه ڪي جواب ضرور ڏنل آهن. جانورن بابت تمثيلي ڪهاڻين، ٽوٽڪن، ڪارٽونن ۽ ٻاراڻين فلمن ذريعي اڄ به جيڪو ڪجھ پيش ڪيو وڃي ٿو، تنهن مان انسانن ۽ جانورن جي انهيءَ تعلق جي وضاحت ضرور ٿئي ٿي، جنهن جو واسطو انسانن ۽ جانورن جو هڪٻئي جي صورت اختيار ڪرڻ سان آهي. جادوءَ جي ڪهاڻين ۾ به جادوگرن ڪي جادوءَ جي زور تي ماڻهوءَ کي ڪنهن جانور ۽ ڪنهن جانور ڪي ماڻهوءَ جي شڪلين ۾ تبديل ڪندي پڻ ڏيکاريو ويو آهي.

عرب جي عوامي ادب ۾ به اهڙا داستان ملن ٿا. جن ۾ ڪجھ جانورن جي تخليق، تبديل يا هيئت جي تشريح ڪئي وئي آهي. مثلا: ڪُئِي (ڪئي جي مادي)، ڪنهن پڄاري جي زال يا ڪا يهودي عورت هئي، جنهن جي شڪل مٽائي وئي. ائين بعض جانور جيئن نور وغيره، ڦريائين محصول اوڳاڙيندڙ هئا. جانورن جي شڪلين تبديل ٿيڻ جو ذڪر قرآن شريف ۾ به آيل آهي: ”اهي جن تي الله تعاليٰ لعنت وڌي جن تي عذاب نازل ٿيو آهي. جن کي هن سوئرن ۽ ٻولڙن جي شڪل ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي ۽ انهن شيطان جي پوڄا ڪئي.“ (المائده: 60) اڳي پادري عبادت وقت ڍڳي، گدڙ يا عقاب جي شڪلين وارا نقاب به ان پسمنظر ئي ۾ پائيندا هئا.(ائين سنڌ ۾ اڄا تائين پيرن ۽ ولين کي جانورن جي شڪل اختيار ڪرڻ جي صلاحيت وارو سمجهيو وڃي ٿو) جانورن جي شڪل صورت ۾ تبديل ٿيڻ جو ٻيو نمونو اسان کي جادوءَ جي ڪهاڻين ۾ ملي ٿو، جنهن ۾ جادوگر جادوءَ وسيلي ڪنهن ماڻهوءَ کي ڪتو،ٻلو يا گڏھ بنائي ڇڏيندا آهن يا وري ڪنهن جانور کي ماڻهوءَ جي شڪل ۾ تبديل ڪري ڇڏيندا آهن.

## ٽوٽميت جي دستور جون جانورن جي حوالي سان وڌيڪ هيٺيون خاصيتون نمايان آهن:

1. ڪجھ جانورن کي نه ته ماري ٿو سگهجي نه کائي ٿو سگهجي، ان جي نسل



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جا جانور، ماڻهو پالين ٿا ۽ انهن جو خيال رکن ٿا. انهن جانورن جي افزائش ڪئي ويندي آهي، ان سان خوراڪ کي وڌائڻ ۾ مدد ملي ٿي.

2. اهو جانور مري وڃي ته قبيلي ۾ ان جو سوگ ملهايو وڃي ٿو. ان جي قربانيءَ جي موقعي تي ماتم ڪيو وڃي ٿو.

3. ان جانور جي جسم جو ڪو خاص حصو کائڻ تي پابندي عائد ڪئي وڃي ٿي.

4. اهڙي جانور کي کائڻ کان پوءِ اجتماعي معافي ورتي وڃي ٿي.

5. ٽوٽم جانورن جون کلون ڪن خاص يا مقدس موقعن تي لباس طور استعمال ڪيون وينديون آهن.

6. قبيلا ٽوٽم جانور کي پنهنجي برادريءَ يا قبيلي جو نشان سمجهي پنهنجي نالن ۾ ان جو حصو شامل ڪن ٿا.

7. ان جانور جون تصويرون پنهنجي جهندن ۽ هٿيارن يا جسم تي لڳائين ٿا.

8. خطرناڪ جانور جيڪڏهن ٽوٽم آهي ته ان کي پنهنجي قبيلي جو محافظ سمجهيو وڃي ٿو.

9. ٽوٽم جانور نه فقط قبيلي جي حفاظت ڪري ٿو بلڪ انهن کي خطرن کان اڳواٽ آگاهه ڪري ٿو.

10. ٽوٽم جانور پنهنجي قبيلي جي وفادار ماڻهن جي قسمت جو حال ٻڌائي ٿو ۽ رهنمائي ڪري ٿو.

11. ڪي قبيلا پنهنجي ٽوٽم جانور کي پڃري ۾ پالين ٿا.

## وڻن جي پوڄا:

روحن جي شخصي تصور جي ڪري ماڻهن ۾ مظاهر پرستي، يعني وڻن ٽڻن ۽ جانورن جي پوڄا جو رواج پيو. ڪائنات جي فطري مظهرن، جهڙوڪ: وڻ ٽڻ ٻوٽن ۽ سج چنڊ تارن جي پوڄا جا دستور تمام پراڻا آهن. مظاهر پرستي کو باقاعده مذهب ته

ڪونہ هو، پر مذهبن جي عمارت تعمير ڪرڻ ۾ ان جو وڏو هٿ هو، جنهن جو مقصد شين،انسانن توڙي حيوانن ۽ انهن جي روحن تي ڪنٽرول حاصل ڪرڻ هو. سڀني جاندار شين ۾ روحن جي موجود هجڻ (Animist) واري خيال ماڻهن ۾ جانورن يا وڻن جي پوڄا وارو لاڙو پيدا ڪيو. ان وسيلي ڪين ريجهائڻ،انهن مان فائدو حاصل ڪرڻ، انهن کان پوندڙ نقصانن کان بچڻ لاءِ انهن جي پوڄا جا دستور رائج ڪيا. هندستان ۾ تلسيءَ جي وڻ کي پوتر سمجهيو ويندو آهي. ان کان عورتن ،جانورن ۽ فصلن کي ڦردار بنائڻ جون دعائون پنيون ويندون آهن. ڦڳڻ جي مهيني جي يارهين تاريخ انهيءَ وڻ جي پاڙ ۾ پاڻيءَ جو نذرانو پيش ڪيو ويندو آهي. هندن جي خيال موجب ويشنو مقدس وڻ آهي. هو ان کي ديوتا جو درجو ڏين ٿا. عورتون ان جي پاڙن ۾ کير هاري پوڄا ڪن ٿيون ۽ ان وڻ جو طواف ڪن ٿيون.ان جي ٽارين ۾ رنگين ڌاڳا ٻڌي اولاد لاءِ دعائون گهرن ٿيون. سنڌ ۾ ٻڙ ۽ پپر جي وڻن کي پڻ اهڙي حيثيت حاصل آهي. يورپ ۾ آريا نسل جا ماڻهو بہ وڻن جا پوڄاري هئا. آريا جن کي دنيا جا سڌريل ماڻهو سمجهيو ٿي ويو سي بہ وڻن جي پوڄا ڪندا هئا. اهي وڻن جي پوڄا ڇو ڪندا هئا؟ فيريزر جي چوڻ موجب:”اسان يقيني طور هي فيصلو ڪري سگهون ٿا تہ سڄي آريا قوم منتشر ٿيڻ کان اڳ،مشترڪ طور وڻن جي پوڄا ڪندي هئي ۽ سندس اصلي وطن ضرور ڪنهن اهڙي ملڪ ۾ واقع هوندو، جو شاهہ بلوط جي ٻيلن سان ڇانيو پيو هوندو.“ (فيريزر،1961: 1664) هن خطي يا سنڌ ۾ رهڻ لاءِ سڌا سنوان پٽ يا ميدان گهٽ هئا. ٻيلا وڌيڪ هئا. ماڻهو وڻن جي پوڄا ڪندا هئا. اڄ بہ سنڌ جي ٻهراڙين ۾ ڪن خاص وڻن يا ڪن خاص هنڌن تي بيٺل (درگاهن يا قبرستانن ۾) وڻن کي نہ وڍڻ،انهن ۾ اڳڙيون ۽ ڌاڳا ٻڌڻ، انهن هيٺان ڏيئا ٻارڻ،انهن هيٺان ويهي مراقبا ڪڍڻ، ڪِن وڻن جي پرسان نہ لنگهڻ يا بيماريءَ جي حالت ۾ ڪن وڻن جا چوڏا ڳچيءَ ۾ ٻڌڻ جا دستور ڏسڻ ۾ اچن ٿا. جڏهن ماڻهو وڻن کي پوڄيندا هئا تہ اهو پڻ هڪڙو دليل آهي تہ ماڻهو جانورن کي بہ ضرور پوڄيندا هوندا.

## جانورن جي پوڄا:

ٽوٽميت باقاعده مذهب تہ ڪونہ هو، پر ان کي مذهب جي ابتدائي شڪل چئي سگهجي ٿو. آڳاٽي زماني جي ماڻهوءَ جو خدا بابت تصور ايترو سڌريل ۽ آفاقي نہ هو،

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جو هُو ڪنهن انڊ ڏنل خدا بابت اهو چئي ها ته، اهو ئي سندس محافظ ۽ مددگار آهي، اهو ئي سندس مشڪل ڪشا آهي. ان وقت هرقبيلي ۽ گروهه جو جيڪو جدا جدا ٽوٽم هو، ان قبيلي جا ماڻهو ان کي ئي پنهنجو گڏيل محافظ ۽ مددگار سمجهڻ لڳا. ان کي مقدس ۽ پوڄا لائق سمجهي ان جي عبادت ڪرڻ لڳا. ان وقت جيئن ته هر قبيلي ۽ قوم جو ٽوٽم جدا جدا هو، ان ڪري ڄڻ ته هر ڪنهن جو خدا به الڳ الڳ هو.

جانورن بابت به آڳاٽي دور جي ماڻهن ۾ اهڙا ئي وهم، خيال يا عقيدا هئا، انهن مان ڪن کي نياڳو ته ڪن کي سياڳو سمجهيو ٿي ويو. انهن جي نحوست کي ٽارڻ لاءِ هڪڙيون رسمون، ته فائدي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪي ٻيون رسمون چالو ڪيون ويون. انهن کي سياڳو (Totem) سمجهي انهن سان خانداني نسبتون قائم ڪيون ويون. پکين لاءِ داڻو پاڻي رکڻ، گهرن ۾ انهن واسطي ڪي جايون مخصوص ڪرڻ، کوهن ۾ اٽو اڇلائڻ، وڻن جي پاڙن ۾ کِولين ماڪوڙن لاءِ مناڻ ڇٽڻ ۽ ڪن جانورن کي (جيئن منگهو پير جي واڳن کي) گوشت ڏيڻ، اهڙن قديمي دستورن جا رهجي ويل اهڃاڻ آهن. مختلف قومن جي آڳاٽي تاريخ جو مطالعي مان خبر پوي ٿي ته جن جانورن کي پوڄيو ويندو هو، تن ۾ ڍڳو، باندر ۽ نانگ وڌيڪ نمايان هئا. قديم زماني ۾ مصر ملڪ ۾ هڪ سڱي جانور (Unicorn) پوڄڻ جو رواج هو. سنڌ ۾ موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ مان هڪ سڱي ڍڳي جا آثار پڻ مليا آهن. "وشنو ڀڳوان" کي "ايڪ شرنگ " يعني هڪ سڱ وارو سڏيندا آهن. ٿوهي واري ڍڳي جي پوڄا جو شوَ ڀڳوان جي پوڄا سان واسطو سمجهڻ ۾ اچي ٿو. شو ڀڳوان جي سواري ڍڳي تي چڙهي ويندي آهي، تنهنڪري شوَ جا پوڄاري اڄ تائين ڍڳي جي پوڄا ڪندا آهن." (ڀيرومل، 1980: 102) "باندر يا پولڙي کي سيني قومن جي ديومالائي ڏند ڪٿائن ۾ مضحڪه خيزيءَ جي علامت سمجهيو وڃي ٿو. رام چندر جي رامائڻ ۽ ڪورون پاندون جي مهاڀارت، ٻنهي ۾ باندر ملي ٿو. رامائڻ ۾ آهي ته سريلنڪا ۾ باندرن جي هڪ قوم ۽ علائقو هو، جنهن جي سردار هنومان جي خدمت لاءِ پاڻ کي وقف ڪري ڇڏيو. باندرن سان منسوب اها ساڳي ڏند ڪٿا چين ۾ به پهتي ." (خالد احمد،2004: 110) عقاب، ڀونئر ۽ ڍڳو قديم مصرين جا معبود هئا. منفس جي بت خاني ۾ 'ايپس' (ڍڳي) جي بت کي پوڄيو ويندو هو. هندستان يا سنڌ جي حوالي سان جانورن جي پوڄا جو ذڪر ڪندي رچرڊبرٽن چئي ٿو ته، "هڪ سڱ وارو ڍڳو، سانهه، چيتو، هاٿي، گينڊو ۽ واڳون وغيره کي ديوتا سمان

سمجهيو ويندو هو. باقي ٻيا جانور ڪنهن وهم جي ڪري ٻہ مذهبي اهميت رکندا هئا. مثال طور: هندن وٽ شينهن يا چيتو، ديوي ماتا جي سواريءَ جو جانور سمجهيو ويندو هو،پر ماتا جي تصور کان الڳ انهن جانورن جي ڪابہ حيثيت ڪانهي،بلڪ ماتا جڏهن غصي ۽ جلال ۾ اچي ٿي،تہ چيتي جو روپ پڻ وٺي ٿي ٻيهي. بهار جي گونڊ قوم جا ماڻهو ان کي ’وگهئي ديوي‘ يعني ’شينهن ديوي‘ سڏيندا آهن. ڀيل قوم جا ماڻهو انهيءَ قسم جي هڪ ديوتا جا مريد آهن، جنهن کي هو ’واگهيا ڪنور‘ يعني ’شينهن شهزادو‘ ڪوٺيندا آهن.ڪنڊ قوم وٽ ساڳي ڏرتي ماتا چيتي جي بجاءِ هاٿيءَ جو روپ وٺي ٿي. برصغير هند_پاڪ جي ويدڪ دور ۾ هاٿيءَ کي ايرادت يعني اندر جي سواري چيو ويندو هو.“ (رچرڊ برٽن،1995: 147) فلپائن ۽ گنيءَ ۾ مگر مڇ کي پوڄيو ويجي ٿو،سائلون ۾ بدڪ کي پوڄيو وڃي ٿو.

جن جانورن جي پوڄا ڪئي ويندي هئي، اهي ٽن نمونن جا هئا: هڪڙا اهي، جيڪي جسماني يا فطري طور ماحول ۾ موجود هئا، جهڙوڪ: ڍڳو،دنبو،شينهن،باندر،هاٿي.بگهڙ،سهو،ڪتو، سوئر،واڳون،هرڻ،ڪچون، هنج،ڳيرو، عقاب، نانگ ۽ رڇ وغيره. ٻيا، خيالي يا تصوراتي جانور هئا، جن کي مرڪب جانور بہ سڏيو وڃي ٿو. جيڪي عجيب الخلقت هئا. انهن جو هڪ حصو دنبي يا ٻڪريءَ جو تہ ٻيو حصو ڍڳي جهڙو تہ مٿو وري ماڻهوءَ جهڙو هو.جانورن جي پوڄا جي ٽين صورت، پهرين ٻن نمونن کان وڏيڪ سڌريل هئي، جنهن تحت پوڄا لائق جانورن، ديوتائي شڪل يا روحن جو روپ وٺڻ شروع ڪيو. جدا جدا جانورن جا روح بہ جدا جدا هئا، يا جيترا جانور هئا اوترا روح ۽ ديوتائون بہ هئا. دنيا يا ڪائنات جون اهي لڪل قوتون، جن جو هن دنيا جي تقدير ڻاهڻ يا ڊاهڻ تي اختيار آهي، انهن بابت عقيدن کي وڌيڪ سڌاري، ديوتائن کي جانورن کان الڳ ڪيو ويو. پهريائين اهي ديوتا يا روح ڪن جانورن يا وڻن جي شڪل ۾ ماڻهوءَ جي ويجهو موجود هئا، پوءِ روحن ۽ ديوتائن _ جيئن اسان مٿي چئي آيا آهيون تہ انسان جي سمجهہ ۾ جيئن جيئن واڌارو ايندو ويو تيئن تيئن ان پوڄا جي تصورن ۾ بہ ڦيرو اچڻ ڪري ديوتائن انساني آبادين کي پري رهڻ شروع ڪيو. ڏور ڪنهن جهنگل ۾، پهچ کان پري ڪنهن جبل جي چوٽي تي،پوءِ اتان کان بہ پري، ڪنهن خيالي واديءَ ۾ ۽ آخرڪار انهن آسمانن تي وڃي رهڻ شروع ڪيو. پوءِ جانورن کي انهن آسماني قوتن يا ديوتائن جون سواريون سمجهيو ويو. اهڙن تصورن

۽ عقيدن کي، پوءِ جي جديد مذهبن وڏيڪ سڌاري ۽ سنواري، جانورن کي فقط آسماني قوتن کي راضي رکڻ ۽ انهن جي ڏمر کان بچڻ ۽ مصيبتن مان ڇوٽڪاري لاءِ قربانيءَ جو ذريعو بڻايو ويو .

## مددي ڪتاب


1. آڏواڻي پيرومل مهرچند، 'قديم سنڌ'،سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 1980ع.
2. آغا، وزير، ڊاڪٽر، ادرو شاعري کا مزاج، ڇهٽا ايڊيشن، مکتبہ عاليہ لاهور، 1999ع.
3. ايلن ميخائيل، 'انسان بڙا ڪيسي بنا'، مکتبہ دانيال ڪراچي، 1982ع.
4. ايچ. ٽي. لئمبرڪ، مترجم: سليم احمد، 'سنڌهڪ عام جائزو'، جلد I ۽ ٻيو II، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 1992ع.
5. ٻوهيو الهداد ٻوهيو، ڊاڪٽر، 'سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج'، ڇاپو پهريون، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي ڄامشورو، 1978ع.
6. ول ڊيورانٽ/راز شر، 'انساني تهذيب جي ارتقا'،سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، 2003ع.
7. سيد علي عباس جلال پوري، 'خردنامہ جلال پوري'، تخليقات لاهور، 2000ع.
8. خالد احمد، 'لفظون کي کهاني لفظون کي زباني'، مشعل بکس لاهور، 2004ع.
9. رچرڊ برٽن/ محمد حنيف صديقي، 'سنڌ ۽ سنڌو ماٿريءَ ۾ وسندڙ قومون'، ڇاپو ٽيون،سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 1995ع.
10. John g. Jackson, (2005) 'Man God and Civilization' Translated by: Yasir Jawad, Nigarshat, Lahore.
11. Jorge James Frazer (1961) Golden Bough, Vol. Translated by: Muhammad Soomar Soomro‹Sindhi Adabi Board, Jamshoro.
12. Sigmud Freud, (2004) Totem and Taboo, Translated by Doctor Sobia Tahir, Nigarshat, Lahore.


Shah Abdul Latif Bhitai Chair